SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XXII OF 1994

سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994

THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ٽيڪس لڳائڻ
Levy of tax

4. معائنو ۽ ٽيڪس جمع ڪرڻ
Assessment and collection of tax

5. ضلعي يا ضلعن جي هڪ کان وڌيڪ ديهه، تپي يا تعلقي ۾ زمين رکندڙ شخص جي ذميداري
Liability of person owning land in more than one deh, tapa or taluka of a district or districts

6. ڪجهه معلوماتي بيان جي طلبي

Requisitioning of certain information statement

7. چوٽ

Exemption

8. اپيل ريويو يا رويزن

Appeal review or revision

9. ڪارروائي تي پابندي

Bar or jurisdiction

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Rules making power

سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 1994

SINDH ACT NO.XXII OF 1994

سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994

THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX ACT, 1994

[4 آڪٽوبر 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ زرعي زمين مان ڪمائي تي ٽيڪس لڳايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ زرعي زمين مان ڪمائي تي ٽيڪس لڳائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

(3) ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق هوندي.

وصفون
Definitions

2. (1) هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "ايڪٽ" مطلب سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967؛

(b) "ڪليڪٽر" مطلب ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ جنهن ۾ شامل آهي ايڪٽ تحت ڪليڪٽر جون ذميداريون نڀائڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪو عملدار؛

(c) "حڪومت" مطلب صوبي سنڌ جي حڪومت؛

(d) "زمين" مطلب زمين جيڪا زرعي مقصد يا زراعت جي ماتحت مقصدن لاءِ استعمال ڪئي وئي آهي يا استعمال ڪري سگهجي ٿي ۽ لينڊ رينيو عشر ۾ اچي ٿي ۽ جنهن ۾ شامل آهي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت طرفان ليز حاصل ڪندڙ هاري يا ضمانت ڏيندڙ جي قبضي ۾ رکي وئي آهي، پر ان ۾ اهڙي زمين شامل نه هوندي، جيڪا عمارت يا تعميرات جو هنڌ هجي؛

(e) "مالڪ" مطلب زمين جو مالڪ ۽ جنهن ۾ شامل آهي گروي رکندڙ يا ليزي؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(g) "پروڊيوس انڊيڪس يونٽ" جي معنيٰ اها سمجهي ويندي جيڪا ان کي لينڊ ريفارمس ايڪٽ، 1977 ۾ ڏني وئي آهي؛

(h) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(i) "ٽيڪس" مطلب هن ايڪٽ تحت اوڳاڙي لائق زرعي انڪم ٽيڪس.

(2) سمورا ٻيا لفظ ۽ اظهار جيڪي هن ايڪٽ ۾ واضح ناهن ڪيا ويا، انهن جي معنيٰ اها ورتي ويندي، جيڪا انهن کي ايڪٽ ۾ ڏنل آهي.

ٽيڪس لڳائڻ
Levy of tax

3. (1) اهڙي زمين تي ڪا به ٽيڪس نه لڳائي ويندي جيڪا 4000 پروڊيوس انڊيڪس يونٽس کان وڌيڪ نه هجي.

(2) ٽيڪس وصول ڪيل يا اوڳاڙي هر انڊيڪس يونٽ تي 2 رپيا ريٽ جي حساب سان اوڳاڙي ويندي.

(3) زمين جي مالڪ طرفان ٽيڪس اهڙيءَ ريت ادا ڪئي ويندي، جيئن اها وصول ڪئي ۽ اوڳاڙي وڃي.

معائنو ۽ ٽيڪس جمع ڪرڻ
Assessment and collection of tax

4. (1) ٽيڪس ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان اوڳاڙي ويندي جنهن جي حدن ۾ اها زمين اچي ۽ جتي اها زمين هڪ ضلعي کان وڌيڪ ضلعن ۾ واقع آهي تہ هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ ٽيڪس هڪ ڀيرو اوڳاڙي ويندي ۽ اها ان ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان اوڳاڙي ويندي، جنهن ضلعي ۾ زمين جو وڏيڪ حصو موجود هجي.

(2) ٽيڪس اهڙي طريقي اوڳاڙي ويندي جيئن ايڪٽ تحت لينڊ رينيو جي اوڳاڙي جو طريقيڪار ڄاڻايو ويو آهي.

ضلعي يا ضلعن جي هڪ کان وڌيڪ ديهہ، تپي يا تعلقي ۾ زمين رکندڙ شخص جي ذميداري
Liability of person owning land in more than one deh, tapa or taluka of a district or districts

5. هر شخص، جيڪو هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ هڪ ديهہ، تپي يا تعلقي ڪان وڌيڪ ۾ زمين جو مالڪ آهي يا مالڪ بڻجي ٿو يا ان سلسلي ۾ ٽيڪس جي ادائگي جو ذميدار ٿئي ٿو هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ جي سٺ ڏينهن اندر يا جيئن معاملو هجي، ان تاريخ کان اهڙو شخص اهڙيءَ ريت ذميدار ٿئي ٿو ڪليڪٽر کي اهڙي زمين جا مڪمل تفصيل ڏيندو ۽ جتي اهڙي ديهہ، تپو يا تعلقو هڪ ضلعي کان وڌيڪ ۾ واقع آهي، هي مٿي ڄاڻايل عرصي دوران هڪ پڌرنامو ٻين سمورن ضلعن جي ڪليڪٽر کي جمع ڪرائيندو جنهن ۾ اهڙي زمين جا مڪمل تفصيل شامل هوندا.

ڪجهہ معلوماتي بيان جي طلبي
Requisitioning of certain

6. (1) ڪليڪٽر ڪنهن بہ وقت رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي لکت ۾ حڪم ذريعي، اهڙي ڪنهن شخص کي طلب ڪري سگهي ٿو جنهن جو ڪيس ڪليڪٽر جي نظر ۾ هن ايڪٽ جي زمري ۾ اچي ٿو ان کي مالڪي ۾ رکيل زمين جا تفصيل

جمع ڪرائڻا پوندا ۽ ڄاڻايل شخص اهڙي وقت دوران حڪمن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو جيڪي ٿيهن ڏينهن کان گهٽ نہ هوندو جيئن نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

information statement

(2) جيڪڏهن اهو شخص جنهن کي اهڙو نوٽيس جاري ڪيو ويو اهي ڄاڻايل عرصي دوران موزون سبب ڄاڻائڻ کانسواءِ عملدرآمد ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ ڪليڪٽر ان جي زمين کي اهڙي جاچ جي بنياد تي اهڙي بيان کان بغير ٽيڪس ۾ شامل ڪندو جيئن اهو ضروري سمجهي.

7. حڪومت ڪنهن شخص يا ماڻهن جي درجي سموري طور يا ڪجهہ حصي جي ٽيڪس ادائگي کان ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

ڇوٽ
Exemption

8. اپيل، ريويو يا نظرثاني جي مقصد لاءِ، هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل حڪم هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ روينيو عملدار جو حڪم سمجهيو ويندو.

اپيل ريويو يا رويزن
Appeal review or revision

9. هن ايڪٽ تحت ڪنهن اختياري طرفان جاري ڪيل ڪنهن حڪم يا ڪارروائي تي ڪنهن سول ڪورٽ ۾ سوال نہ اٿاري سگهبو.

ڪارروائي تي پابندي
Bar or jurisdiction

10. حڪومت هن ايڪٽ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Rules making power

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.